# ممبئي جا ڪولهي ۽ ڪوري

# Kolhi & Kori of Mumbai



الطاف شيخ

Altaf Shaikh

Al Muna'um

المنعم لائبرري لاڙڪاڻو

# ممبئي جا ڪولهي ۽ ڪوري

الطاف شيخ

ممبئي شهر ڪان جيڪي واقف آهن يا هاڻ وڃڻ جو ارادو رکن ٿا، انهن لاءِ لکندو هلان ته ڌراوي ممبئي جي ٻن اهم ريلوي لائينن (ويسٽرن ۽ سينٽرل) جي وچ ۾ 175 ڪن هيڪٽرن جي ايراضيءَ ۾ پکڙيل ڪچي آبادي آهي، جنهن ۾ ڏهه لکن ڪان به گهڻا ماڻهو رهن ٿا. ڌراويءَ جي اولهه ۾ ماهيم ۽ باندرا جهڙا علائقا آهن، جيڪي سمجهو ته ڪراچيءَ جو طارق روڊ (PECHS) ۽ ڌوراجي سوسائٽي وارو علائقو آهي. اتر ۾ مٺي (Mithi) نالي ندي وهي ٿي، جيڪا ماهيم واري کاڙي (Creek) مان ٿيندي عربي سمنڊ ۾ وڃي چوڙ ڪري ٿي. ڏکڻ ۽ اوڀر ۾ ممبئي جا به سهڻا علائقا ۽ ڪراچي جي صدر ۽ بولٽن مارڪيٽ جهڙا بزنيس سينٽر سيان (SION) ۽ متنگا (Matunga) اٿس. هن علائقي ۾ وني هلندڙ جڏهن موتياڻي جي ڊرائيور برج موهن ٻڌايو ته: ”ڌراوي (جنهن علائقي ۾ هو پاڻ به رهي ٿو) ۾ پاڻيءَ جو نيڪال صحيح طرح نه هجڻ ڪري ساونڻي (Monsoon) جي موسم ۾ جڻ ته ٻوڏ اچي ويندي آهي ۽ ڌراوي ۾ رهندڙن لاءِ اچڻ وڃڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي. گندگي ۽ چمڙيءَ جي بيمارين ۾ واڌ اچي ويندي آهي.“

هونءَ عام حالتن ۾ به پاڻي ۽ ماحول جي آلودگيءَ ڪري هتي جا ماڻهو ۽ ٻار ڪيترين ئي بيمارين ۾، خاص ڪري پيٽ جي بيمارين ۾ مبتلا رهن ٿا. پر اهو آهي ته انهن جي پرگهور لهڻ ۽ دوا درمل لاءِ ڪيترن ئي هندن، پارسين ۽ ولايت ۾ رهندڙ امير ماڻهن جا فلاحي ادرا (NGOs) آهن، جيڪي صحيح طرح خيراتي اسپتالون ۽ اسڪول هلائين ٿا ۽ هتي رهندڙ غريب ماڻهن کي اها وڏي اميد آهي ته سندن اولاد لکي پڙهي يا ڪارآمد هنر سکي پاڻ کي خوشحال ۽ سُکي بنائي سگهندو.

دراصل اڄ وارو هي ڌراوي وارو علائقو ڪراچي جي بابا ڀٽ ۽ شمس پير واري علائقي وانگر سامونڊي پاڻي ۽ تمر (Mangrove) جي ٻوٽن جو علائقو هو، جتي جي ڪولي (Koli) نالي رهندڙ مهاڻن جي قوم 19 صدي جي اڌ تائين مڇيون، ڪيڪڙا ۽ گانگهٽ قاسائي گذارو ڪندي هئي. پوءِ آهستي آهستي هتي جو پاڻي گدلو ٿيندو ويو ۽ هي سڄو علائقو سڪل وڻن، مئل مڇين ۽ گند ڪچري سان ڀرجي ويو. ڪولين جو مڇي مارڻ جو ڌنڌو ختم ٿي ويو. مٽي ۽ گند ڪچري سان ڀرجڻ ڪري ان مٿان دور دراز ڪان ايندڙ بيروزگار ماڻهو جهڳيون ناهي رهڻ لڳا، جيئن ڪراچيءَ ۾ ڪنهن زماني ۾ لياري جي ڪناري تي پنجاب ۽ سرحد ڪان ايندڙ پورهيت رهيا ٿي، جن کي هاڻ لياري ايڪسپريس ٺهڻ بعد حڪومت هاڪس بي پاسي نئين نهيل ڪالوني ”پرويز مشرف ڪالوني“ ۾ شفٽ ڪيو آهي. بهرحال ڌراوي ۾ هاڻ ڪا هڪ قوم نٿي رهي. هندو به آهن ته مسلمان ۽ عيسائي به. مهاراشترا صوبي جا آهن ته گجرات جا مٽيءَ جا ٿانو ناهڻ وارا ڪنڀار به آهن ۽ اهي ان ئي نالي ڪنڀار سان سڏجن ٿا. مٽيءَ جي ٿانون ناهڻ واري لاءِ شايد گجراتي زبان ۾ به اهو لفظ استعمال ڪيو وڃي ٿو، جيڪو اسان وٽ سنڌ ۾ آهي. ڌراوي ۾ ڪنڀارن جي ٻيڪي ڪالوني (Potters Colony) آهي. اهڙيءَ طرح هندوستان جي ڏاکڻي صوبي تامل نادو جي مسلمان کلگورن جي ڪالوني آهي، جيڪي جانورن جي کلن کي مسالا ۽ ڪيميڪل هڻي سڪائي انهن مان بوٽ ۽ ٻيون شيون ناهين ٿا. ڪراچي جي دهلي ڪالوني يا لياقت آباد (لالوکيت) ۾ پرت ۽ سلائيءَ جي ڪارخانن وانگر ڌراوي جي هڪ حصي ۾ اتر پرديش ڪان لڏي آيل ڪاريگر رهن ٿا ۽ پرت ۽ سلما ستاري جو ڪم ڪن ٿا. اهي ريڊي ميڊ ڪپڙا به ناهين ٿا ۽ ڪيترين هٽ جون نهيل شيون وڪري لاءِ ولايت جي مارڪيٽن ۾ به وڃن ٿيون. چون ٿا ته ممبئي جي هن علائقي ڌراوي ۾ 15000 هڪ ڪمري واريون فئڪٽريون آهن. هڪ فئڪٽري جيڪا اسان واري ڊرائيور جي گهر پرسان هئي، ان ۾ شهر مان گڏ ڪيل ردي واري پلاسٽڪ جي شين کي مشين ذريعي ننڍا ننڍا ٽڪر ڪري، ان کي باهه تي ڳاري سانچي ذريعي نيون شيون ناهيون وينون ٿي. اهڙي طرح جا ڪم جنهن کي Recycling سڏجي، اهي هتي جام ٿين ٿا.

مٿي هڪ هنڌ لکي آيو آهيان ته هن ڪچي آباديءَ جي اسڪولن ۾ غريبن جا ٻار پڙهي لکي پاڻ کي سگهي بنائيندا. اڄڪلهه جي دور ۾ جڏهن تعليم يافته شاگرد ڊگريون کڻيو پيا هلن، پر نوڪريون ڏکيون ٿيون ملن، پر هن علائقي ڌراوي جو جيڪو اسڪول ڏسڻ جو مون کي موقعو مليو ان ۾ پڙهندڙ ٻار ضرور پاڻ کي نمايان بنائيندا ۽ هن مقابلي جي دنيا ۾ پنهنجي حيثيت مڃرائيندا. منهنجي نوڪريءَ جا آخري ٻه ڏها ماستري (Teaching) ۾ گذريا آهن ۽ هڪ سٺي استاد ۽ محنتي شاگرد جي سڃاڻپ جي پروڙ رکان ٿو. هن سادي فرنيچر پر صاف سٿري اسڪول ۾ جنهن محنت ۽ Devotion سان اسڪول جون عيسائي ماسترياڻيون پڙهائي رهيون هيون ۽ ٻارن ۾ دلچسپي ۽ تعليم حاصل ڪرڻ جو شوق پيدا ڪري رهيون هيون، انهن لاءِ هنن کي جس هجي ۽ ساڳي وقت اهو به چوندس ته اهڙن اسڪولن جا ٻار چاهي غريب گهرن جا هجن پر خوش نصيب آهن جو هو صحيح تعليم جي هٿيار سان آراسته ٿي رهيا آهن ۽ هو اڳتي هلي مقابلي جي جنگ آسانيءَ سان جيتي ويندا. ساڳي وقت پنهنجي ڳوٺ جو هڪ اسڪول ياد اچڻ سان ڏک ۽ مايوسي به ٿي. مهينو کن اڳ پنهنجي ڳوٺ جي هڪ سرڪاري اسڪول ۾ ويس ته ڪيترا ڪلاس روم ماسترياڻين کان خالي هئا. خبر پئي ته ڪجهه ماسترياڻيون فقط پهرين تاريخ پگهار وٺڻ لاءِ اينديون آهن، باقي ڏينهن هو گهرن ۾ ويهي ٿي وي ڏسن يا پينگهن ۾ لڏن. ان سسٽم کي چالو رکڻ لاءِ هو پنهنجي پگهار جو هڪ حصو پنهنجي واسطيدار عملدار کي رشوت طور ڏين. جيڪي ماسترياڻيون حاضر هيون انهن به صحيح طرح پڙهائڻ جو فرض ادا نه پئي ڪيو يا ته هنن کي پڙهائڻ ئي نٿي آيو. پڙهائڻ معنيٰ: گفتگو ڪرڻ...... ٻارن سان مغز-ماري ڪرڻ...... سوال جواب پڇڻ ۽ جنهن ڳالهه کان هو اڻ واقف هجن، اها تفصيل سان سٺي نموني سمجهائڻ. پر هتي ٿوٽي ماسترياڻين، ٻارن کي ڪجهه لکڻ لاءِ ڏئي ڇڏيو هو. ڪن ٻارن ابتو سبتو پئي لکيو، ڪن لکي يا بنا لکڻ جي هڪ ٻئي سان ڳالهايو پئي. ڪيترا اکر هنن صحيح شڪل ۾ بيهاريا ٿي پر لکڻ جو طريقو غلط هين. يعني ٻار ڪلاس ون پاس ڪري ٻي يا ٽي تائين اچي پهتا آهن، پر هنن ڪڏهن ٻارن ڌي غور به نه ڪيو ته هو ايم يا واءِ يا ڊبليو ڪيئن پيا لکن. پر ڳالهين ۾ ڪيتريون ئي ماسترياڻيون (مِسون)، هيڊ ماسترياڻيون ٿي لڳيون. جڏهن هنن پنهنجو پاڻ پڏائڻ خاطر ان ڳالهه تي زور ٿي ڏنو ته هنن کي پڙهائڻ جي علم جي ڊگري (بي ايڊ يا ايم ايڊ) آهي ۽ ٻارن کي پڙهائڻ ۾ وڏي مهارت رکن ٿيون. اهڙن موقعن تي دل چوندي آهي ته ڪاش! اهڙو ڪو بندوبست هجي جو اسان جي اسڪولن ۽ ڪاليجن جي ٽيچرن کي انڊيا يا ملائيشيا جا اسڪول ڏيکاريا وڃن ته ٽيچنگ (پڙهائڻ) ڪيڏو محنت طلب جاب آهي ۽ ههڙا ملڪ جن جي شاگردن کي دنيا ۾ قدر جي نگاه سان ڏٺو وڃي ٿو، اتي جي اسڪولن جا استاد پنهنجي قوم ۽ ملڪ خاطر ڪيڏي محنت ڪن ٿا ۽ پگهار کي حلال ڪري ڪائين ٿا.

مٿي اهو پڻ لکيو اٿم ته اڄ کان منو صدي کن اڳ تائين هتي ڪولي نالي مهاڻن جي قوم رهي ٿي، جن جو گذر سفر مڇين جي شڪار تي هو. ڪولي اڄ به هن صوبي مهاراشٽرا ۽ پر وارن علائقن ۾ رهن ٿا. ڌراوي ۾ ٻين قومن جي اچڻ ڪري هتي جا اصلي باشندا ڪولي (KOLI) ويا پري ڌڪبا، پر هاڻ حڪومت طرفان هنن مهاڻا پيشه ماڻهن لاءِ ڪيترن ئي هنڌن تي رهائش گاهه ناهيا ويا آهن، جيڪي ”ڪولي وادا“ سڏجن ٿا. ويندي هتي جي هڪ ريلوي اسٽيشن جو نالو هن قوم جي شناخت کي برقرار رکڻ لاءِ ”ڪولي وادا ريلوي اسٽِيشن“ رکيو ويو. پر هاڻ ويجهڙائيءَ ۾ هن اسٽيشن جو نالو سکن جي نائين گرو ”سري گرو تيغ بهادر جي“ جي نالي ” G.T.B.Nاسٽيشن“ رکيو ويو آهي. هيءَ اسٽيشن ممبئي جي هاربر لائين واري پٽڙيءَ تي ”چوناڀٽي“ اسٽيشن وٽ آهي. اسٽيشن جي پرسان سکن جي وڏي آدم شماري رهي ٿي ۽ ان پسگردائيءَ جو نالو ”گروتيغ بهادر نگر“ آهي. هونءَ ته ڏٺو وڃي ته هي اڄ وارو ممبئي جڏهن مختلف ويران ٻيٽن جي شڪل ۾ هو ته به هيءَ قوم ڪولي هتي رهي ٿي. ٿر جي اسڪالر ۽ ڪالم نويس کي سندس عوامي آواز اخبار واري آفيس ۾ فون ڪري پڇيم ته آيا هي ممبئي مهاراشٽرا، گجرات ۽ انڌرا پرديش جي سامونڊي ڪناري تي رهندڙ ڪولي قوم اها ساڳي آهي، جيڪا اسان وٽ سنڌ ۾ بدين، ماتلي ۽ ٿر پاسي ڪولهي سڏجي ٿي.

”ها، اها ساڳي قوم آهي،“ من موهن گيانيءَ وراڻيو، ”پر اسان وٽ هو ٻني ٻاري جو ڪم ڪن ٿا.“

ممبئي يونيورسٽيءَ جي گجراتي ڊپارٽمينٽ جي چيئرمين ڊاڪٽر رتي لعل روهت ٻڌايو ته ڪولي ڪميونٽي جا ماڻهو نه فقط سڄي ممبئي ۾ پکڙيل آهن، پر سڄي مهاراشٽرا صوبي جي ساموندي ڪناري تي نظر ايندا. هو باگڙي، پيلن جهڙين ذاتين وانگر شيڊيول ڪاسٽ سان تعلق رکن ٿا ۽ هنن جي مرهٽيءَ سان ملندڙ جلندڙ پنهنجي زبان (Dialect) آهي. پروفيسر رتي لعل ٻڌايو ته لڳي ٿو ته ڪولي لفظ مرهٽي زبان مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ ڪوريئڙو آهي. يعني اهو جيڪو جار اُٽي، يعني مهاڻو (Fisherman) جيڪو ڄار (Net) ٺو ناهي. اتر هندستان ۾ هنن کي ’ڪوري‘ سڏين.

ممبئي اڄ جي صورت اختيار ڪرڻ کان گهڻو گهڻو اڳ جڏهن ستن ٻيٽن تي مشتمل هئي ۽ اڃان انگريز يا پورچوگالين به قبضو نه ڪيو هو ته هنن ويران ٻيٽن تي فقط هي ڪولي رهيا ٿي جن مڇي جو شڪار ڪري پيٽ گذر ڪيو ٿي. انهن ڏينهن ۾ هنن ٻيٽن مان ڪجهه تي ڪولي ذات جي ماڻهن جا رکيل نالا ڪجهه هن ريت هئا: ڪوليات، پال وا بندر، ڊونگري، مئزگائون، ناءِ گائوم ۽ ورلي. ڪوليات جو نالو ڦري ڪولابا (Colaba) ٿي ويو آهي ۽ پالوا بندر اڄ اپولو بندر ٿي ويوآهي. هنن جو ڊونگر ٻيٽ تي ممبا ديويءَ جو مندر هو، جنهن ديويءَ جو نالو هن شهر تي پيو. جنهن کي پوءِ انگريزن ۽ يورپين بامبي سڏيو. هاڻ وري ساڳيو نالو ممبئي ٿي ويو آهي.